# سَولي سنڌي

اَٺين درجي لاءِ

استادن لاءِ رهبر

اشوڪ ڪمار کتري

OXFORD
UNIVERSITY PRESS

اوڪسفرڊ يونيورسٽي پريس

# تعارف

اوڪسفرڊ يونيورسٽي پريس پاڪستان پاران انگريزي ۽ اردو کان پوءِ سنڌي ٻولي ۾ معياري درسي ڪتابن جو سلسلو شروع ڪيو ويو آهي. هن اداري انگريزي ۽ اردو جي درسي ڪتابن لاءِ استادن جي رهنمائي ڪرڻ لاءِ هر ڪتاب جو هڪ رهبر (گائيڊ) تيار ڪرايو آهي ته جيئن استاد انهي رهبر وسيلي شاگردن کي اڃا به بهتر نموني سان سبق پڙهائي سگهن ۽ استاد جي ڏينهن رات جي محنت کي وڌيڪ هٿي ملي سگهي. سنڌي هڪ اهڙي ٻولي آهي جيڪا سنڌ کان سواءِ پاڪستان جي مختلف علائقن جهڙوڪ لاهور ۽ اسلام آباد ۾ به پڙهائي پئي وڃي، تنهنڪري هن ضرورت کي محسوس ڪندي اوڪسفرڊ يونيورسٽي پريس اهو فيصلو ڪيو ته سولي سنڌي جي درسي ڪتابن لاءِ استادن لاءِ رهنمائي ڪندڙ رهبر تيار ڪجن ۽ "استادن لاءِ رهبر" جي نالي سان ڪتابن جي سلسلي کي شروع ڪيو ويو آهي ته جيئن استاد ۽ شاگرد ٻنهي جي صلاحيتن کي اڃا به وڌيڪ اڳتي آڻي سگهجي. هن سلسلي ۾ منهنجي مٿان اها ذميواري رکي وئي آهي ته مان سولي سنڌي جي ڇهين، ستين ۽ اٺين درجي جي درسي ڪتابن جا "استادن لاءِ رهبر" تيار ڪيان. انهن ڪتابن کي ترتيب ڏيڻ وقت مون استاد ۽ شاگرد ٻنهي جي ضرورت کي سامهون رکندي تيار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

ڪوشش ڪئي آهي ته اهي استاد جيڪي سنڌي لکڻ ۽ پڙهڻ ۾ ٿوري ڏکيائي محسوس ڪن ٿا اهي سولي سنڌي ۾ شامل ڪيل سمورا سبق انهن سمجهاڻين کان پوءِ آساني سان پڙهائي سگهن. انهي ڏس ۾ هر ترتيب ڏنل سولي سنڌي جي استادن جي رهنمائي جي گائيڊ ۾ سنڌيءَ سان گڏ انهي جو اردو ترجمو به ڪيو ويو آهي ته جيئن منجهڻ وارا استاد گڏو گڏ انهي اردو جي ترجمي جو مطالعو به ڪري سگهن. انهي ڪري هڪ صفحو اڳ ۾ سنڌي ۽ پوءِ انهي جو ٻيو صفحو اردو ترجمي جو آهي.

اميد ٿو ڪيان ته اداري جي اميدن تي پورو لهندس ۽ اها ڪوشش استادن کي پسند ايندي ۽ ايندڙ وقت ۾ انهي کي اڃا به بهتر ڪري سگهبو.

اشوڪ ڪمار ڪتري

# ڏسٽي


1. حمد ـــــــــــــ (شيخ عبدالحليم ”جوش“) ـــــــــــ 2
2. انجام پاڙڻ ـــــــــــــــــــ 6
3. رحمدلي ـــــــــــــــــــ 10
4. نعت ـــــــــ (محبوب سروري) ـــــــــ 14
5. ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو ـــــــــ 18
6. قومي ٻڌي ـــــــــــــــــــ 22
7. نظم: وطن جي حب ـــــ (سچل سرمست) ـــــ 28
8. مثالي شاگرد ـــــــــــــــــ 34
9. پئسي جو قدر (لوڪ ڪهاڻي) ـــــــــ 38
10. سنڌ جو آبپاشي نظام ـــــــــ 42
11. نظم: ادب ـــــ (نوازعلي ”شوق“) ـــــ 46
12. ڪئلاش ۾ اتان جا ماڻهو ـــــــــ 50
13. تفريح جي اهميت ـــــــــ 54
14. موهين جو دڙو ـــــــــ 58
15. نظم: بادل گر وَسڪارا! ـــــ (احمد خان آصف) ـــــ 62
16. درخواست ـــــــــ 66
17. بجلي (مزاحيا) ـــــــــ 70
18. شهري بچاءُ ـــــــــ 74
19. هاڪي راند ـــــــــ 78

20. نظم: اڇو تہ گھرڙا ناھيون ـــــ (اُستاد بُخاري) ـــــ 82
21. راءِ ڏياچ (لوڪ ڪھاڻي) ـــــ 86
22. دوست ڏانھن خط ـــــ 90
23. نظم: منھنجو منڙو ملڪ ـــــ (نثار بزمي) ـــــ 94
24. ڪوالالمپور کان ٻاھر (سفرنامو) ـــــ 98
25. ابو ريحان البيروني ـــــ 102
26. وڻ ۽ ٻوٽا ـــــ 106
27. نظم: چاچو بَصرُ ـــــ (نامعلوم) ـــــ 112

سبق پهريون

# حمد

## مقصد

- شاگردن کي حمد جي معني ۽ مفهوم جي ڄاڻ ڏيڻ.
- الله تعاليٰ جي صفتن کان آگاهي فراهم ڪرڻ.
- کين انهي قابل ڪرڻ تہ هو حمد پڙهڻ، سمجهڻ ۽ زباني ياد ڪرڻ جي قابل ٿي وڃن.
- نوان لفظ لکڻ ۽ انهن مان جملا ٺاهڻ جي صلاحيت حاصل ڪري سگهن.
- هو اهو ڄاڻي وٺن تہ اسان جو حقيقي خالق، مالڪ ۽ رازق الله تعاليٰ آهي.
- انسانن ۾ پڪين وانگر محبت جو جذبو پيدا ڪرڻ.

## امدادي سامان

- بليڪ بورڊ
- ڪاپي
- سَولي سنڌي ڪتاب 8 ، صفحو نمبر 1

## سکيا جو طريقو

- خاص هدايت: شاگردن سان حمد بابت ڳالهہ ٻولهہ ڪريو. فطرت جي منظرن کي شاگردن جي سامهون آڻي بحث هيٺ آڻيو ۽ ٻارن کي ٻڌايو تہ هن نظام کي هلائڻ وارو هڪ ئي هوندو آهي. اسان کي قدرت جي قانون ۾ ڪٿي بہ فرق نٿو ملي. انهي سان ثابت ٿئي ٿو تہ الله تعاليٰ هڪ آهي ۽ اسان جو خالق ۽ مالڪ بہ اهو ئي آهي. حمد ۾ بيان ڪيل الله تعاليٰ جي صفتن کي ڳولرايو. انهن جي فهرست تيار ڪرايو.
- ٻارن کي ٻڌايو تہ اڄ اسين حمد پڙهندا سين جنهن مان اسان کي اها ڄاڻ ملندي تہ انهن سڀني شين کي پيدا ڪرڻ وارو ڪير آهي. سبق جي اعلان کانپوءِ ڪتاب سولي سنڌي8 جو صفحو نمبر 1 کولرايو. نون لفظن تي نشان لڳرايو ۽ انهن لفظن کي درست اُچار سان پڙهي ٻڌايو. پوءِ حمد کي توهان (استاد) درست اچار سان لفظ لفظ ڪري پڙهو. ٻار هر لفظ تي آڱر رکن ۽ ڌيان سان ٻڌن. هاڻي کين حمد جي معني ٻڌايو تہ حمد اهڙا بيت آهن جن ۾ الله تعاليٰ جي تعريف بيان ڪئي وڃي. انهي کان پوءِ بيتن جي سمجهاڻي آسان لفظن ۾ ڪيو. جهڙوڪ: حمد ۾ شاعر الله تعاليٰ جي هن ريت ساراهہ ڪئي آهي تہ تون ئي پيدا ڪرڻ وارو آهين ۽ تون ئي اسان کي پالڻ وارو آهين. تون ئي مسڪينن جو سهارو آهين. ۽ اسين تنهنجي ئي آڌار تي آهيون. اهي جيڪي آسمان تي تارا آهن. ڌرتي تي جيڪي گل آهن. ۽ دريا ۾ جيڪي موتي آهن. اهي سڀ تنهنجا جوڙيل شاهڪار آهن ۽ اسان کي تنهنجي هجڻ جي شاهدي ڏئي رهيا آهن. چنڊ بہ تنهنجي اڳيان ڏيئي جئان آهي.

سبق نمبر ا

# حمد

## مقاصد

- طلبا کو حمد کے معنی اور مفہوم کی معلومات دینا۔
- اللہ تعالیٰ کی صفات سے آگاہی فراہم کرنا۔
- انھیں اس قابل کرنا کہ وہ حمد پڑھنے، سمجھنے اور زبانی یاد کرنے کے قابل ہوجائیں۔
- نئے الفاظ لکھنے اور ان سے جملے بنانے کی صلاحیت حاصل کرسکیں۔
- وہ یہ جان لیں کہ ہمارا حقیقی خالق، مالک اور رازق اللہ تعالیٰ ہے۔
- انسانوں میں پرندوں کی طرح محبت کرنے کا جذبہ پیدا کرنا۔

## امدادی اشیا

- تختۂ سیاہ
- کاپی
- آسان سندھی کتاب ۸، صفحہ نمبر ا

## طریقۂ تدریس

- خاص ہدایت: طلبا سے حمد کے بارے میں بات چیت کیجیے۔ فطرت کے مناظر کو طلبا کے سامنے رکھتے ہوئے بحث کیجیے اور بتائیے کہ اس نظام کو چلانے والا ایک ہے۔ ہمیں قدرت کے قانون میں کہیں بھی فرق نہیں ملتا۔ اس سے ثابت ہوتا ہے کہ اللہ تعالیٰ ایک ہے اور ہمارا خالق و مالک بھی وہی ہے۔ حمد میں بیان کی گئی اللہ تعالیٰ کی صفات طلبا سے تلاش کروائیے اور ان کی فہرست تیار کروائیے۔
- طلبا کو بتائیے کہ آج ہم حمد پڑھیں گے جس سے ہمیں معلوم ہوگا کہ ان سب چیزوں کو پیدا کرنے والا کون ہے۔ سبق کے اعلان کے بعد کتاب آسان سندھی ۸ کا صفحہ نمبر ا کھلوائیے۔ نئے الفاظ پر نشان لگوائیے اور ان الفاظ کو درست ہجے سے پڑھ کر سنائیے۔ پھر حمد کو درست ہجے سے لفظ بہ لفظ ترنم سے پڑھیے۔ طلبا ہر لفظ پر انگلی رکھیں اور دھیان سے سنیں۔ اب انھیں حمد کے معنی بتائیے کہ حمد ایسے اشعار کو کہتے ہیں جن میں اللہ تعالیٰ کی تعریف بیان کی جائے۔ اس کے بعد حمد کے اشعار کا ترجمہ آسان الفاظ میں کیجیے۔ جیسے: حمد میں شاعر نے اللہ تعالیٰ کی اس طرح تعریف کی ہے کہ تو ہی پیدا کرنے والا ہے اور تو ہی ہمیں پالنے والا ہے، تو ہی مسکینوں کا سہارا ہے اور ہم تیرے سہارے پر ہیں، یہ جو آسمان پر تارے ہیں، زمین پر جو پھول ہیں اور دریا میں جو موتی ہیں یہ سب تیرے بنائے ہوئے شاہکار ہیں اور ہمیں تیرے ہونے کی گواہی دے رہے ہیں۔ چاند بھی تیرے سامنے دیے کی مانند ہے۔

اسان جون اکيون آليون آهن، منهن اسان جو ميرو آهي، ۽ جهولي بلڪل ئي خالي آهي، دل ۾ اهائي اميد آهي تہ، تون ئي اسان جي سار لهڻ وارو آهين، تون اسان کي بنا گهرڻ جي ڏيڻ وارو آهين. انهي جي ڪا ڳالهہ ئي نٿي ڪري سگهجي تون تہ مون کي مون کان بہ ويجهو آهين، جيڪو اسان جي غمن کي پري ڪرڻ وارو آهين تون سڀني تي رحم ڪرڻ وارو آهين، ۽ تنهنجي ٻاجهہ تہ بي انت آهي ۽ جيڪي تو کان انڪاري آهن تون انهن جي بہ سنڀال ڪندو آهين، تون پنهنجي ٻاجهہ ۾ مهر سان اسان کي پڪين واري پريت ڏئي ڇڏ، تہ جيئن انسانن ۾ انسانن لاءِ پيار اپري سگهي.

- حمد ۾ موجود ڏکين يا نون لفظن تي نشان لڳرايو. پوءِ حمد ٻارن کان واري واري پڙهائيو. پوءِ ٻن ٻارن کان جوڙي جي صورت ۾ واري واري پڙهائيو جنهن ۾ هڪ سنو پڙهڻ وارو هجي ۽ ٻيو ٿوري ڏکيائي محسوس ڪندو هجي. پوءِ پنجن ٻارن جو گروپ جوڙي پڙهائيو وڃي. جنهن کان پوءِ سڀ ٻار توهان سان گڏجي حمد پڙهن. اهڙي ريت آساني سان ٻارن کي حمد ياد ٿي ويندي.

## حل ٿيل مَشقَ

(الف) سوالن جا جواب:

1. حمد ۾ شاعر الله تعاليٰ جي هن ريت ساراهہ ڪئي آهي تہ تون ئي پيدا ڪرڻ وارو آهين ۽ تون ئي اسان کي پالڻ وارو آهين، تون ئي مسڪينن جو سهارو آهين، چنڊ بہ تنهنجي اڳيان ڏيئي جئان آهي، تنهنجي سونهن بي انت آهي، تون ئي اسان جي سار لهڻ وارو آهين، تون اسان کي بنا گهرڻ جي ڏيڻ وارو آهين، تون تہ مون کي مون کان بہ ويجهو آهين، تون سڀني تي رحم ڪرڻ وارو آهين، ۽ جيڪي تو کان انڪاري آهن تون انهن جي بہ سنڀال ڪندو آهين.
2. دنيا جي هر شيءِ الله تعاليٰ جي هيڪڙائي جي شاهد آهي.
3. الله تعاليٰ بنا ڪنهن سبب جي ڪجهہ بہ نٿو ڪري.
4. الله تعاليٰ جي ٻاجهہ بي انت آهي ۽ سڀني جي مٿان مهر ڪرڻ وارو آهي.
5. آخري بند ۾ شاعر الله تعاليٰ کان اها دعا گهري آهي تہ تون اسان ۾ پڪين وارو پريم پيدا ڪر تہ جيئن شال انسانن ۾ انسانن لاءِ پيار اپري پوي.

(ب) لفظن جي معني:

| لفظ | معني | لفظ | معني |
|---|---|---|---|
| اُپائين | پيدا ڪرڻ | شاهڪارَ | انوکو ڪم |
| آسروندن | سڪندڙ اميد ڪرڻ وارا | مِهرَ | مهرباني |
| اَپارَ | بي انت | پريت | پيار |

(ج) جملن جو اردو ۾ ترجمو:

اللہ تعالیٰ اس ساری کائنات کا خالق ہے۔ اللہ تعالیٰ کے حکم کے بغیر پتا بھی نہیں ہلتا۔ ہم سب کو اللہ تعالیٰ کے دیے ہوئے احکامات پر چلنا چاہیے۔

ہماری آنکھیں نم ہیں ، ہمارا چہرہ میلا ہے۔تو ہمیں بن مانگے ہی دینے والا ہے،تو مجھ میں مجھ سے بھی زیادہ قریب ہے ،تو ہی ہمارے غموں کو دور کرنے والا ہے۔تو سب پر رحم کرنے والا ہے اور تیری محبت لامحدود ہے اور جو تجھ سے انکاری ہیں تو ان کو بھی سنبھالتا ہے۔تو اپنی محبت اورصبر سے ہم کو پرندوں والی محبت دے کہ جس سے انسانوں کے لیے انسانوں میں پیار پیدا ہوسکے۔

- حمد کےمشکل یا نئے الفاظ پر نشان لگوایئے پھر طلبا سے باری باری حمد پڑھوایئے۔طلبا سے جوڑے کی صورت میں باری باری پڑھوایئے جس میں ایک اچھا پڑھنے والا اور دوسرا تھوڑی دشواری محسوس کرتا ہو ، پھر پانچ طلبا کا گروپ بنا کر پڑھوایئے۔جس کے بعد سب طلبا آپ کے ساتھ مل کرحمد پڑھیں۔اس طرح طلبا کو بآسانی حمد یاد ہوجائے گی۔

## حل شدہ مشق

(الف) سوالات کے جوابات:

۱۔ حمد میں شاعر نے اللہ تعالیٰ کی تعریف اس طرح کی ہے کہ تو ہی پیدا کرنے والا اورتو ہی پالنے والا ہے۔تو ہی مساکین کا سہارا ہے۔ چاند بھی تیرے سامنے دیے کی مانند ہے، تیری خوبصورتی لامحدود ہے، تو ہی ہمارا سہارا ہے، تو ہمیں بن مانگے دینے والا ہے۔تو مجھ میں مجھ سے بھی زیادہ قریب ہے ،تو سب پر رحم کرنے والا ہے اور جو تجھ سے انکاری ہیں تو ان کی بھی پرورش کرتا ہے۔

۲۔ دنیا کی ہر شے اللہ تعالیٰ کے واحد ہونے کی گواہی دیتی ہے۔

۳۔ اللہ تعالیٰ کسی سبب کے بغیر کچھ بھی نہیں کرتا۔

۴۔ اللہ تعالیٰ کی محبت لامحدود ہے اور وہ سب پر مہربانی کرنے والا ہے۔

۵۔ آخری بند میں شاعر نے اللہ تعالیٰ سے یہ دعا مانگی ہے کہ تو ہم میں پرندوں والی محبت پیدا کر دے جس سے انسانوں میں انسانوں کے لیے پیار پیدا ہوجائے۔

(ب) الفاظ کے معانی:

| الفاظ | معانی | الفاظ | معانی |
|---|---|---|---|
| اُپائین | پیدا کرنا | شاھکارَ | انوکھا کام |
| اسروندن | امید کرنے والے | مِھرَ | مہربانی |
| اَپارَ | لامحدود | پریت | پیار |

(ج) جملوں کا اُردو ترجمہ :

اللہ تعالیٰ اس ساری کائنات کا خالق ہے۔ اللہ تعالیٰ کے حکم کے بغیر پتا بھی نہیں ہلتا۔ ہم سب کو اللہ تعالیٰ کے دیے ہوئے احکامات پر چلنا چاہیے۔

سبق ڇهون

# انجام پاڙڻ

مقصد

- شاگردن کي سبق "انجام پاڙڻ" جي مفهوم جي ڄاڻ ڏيڻ.
- کين انهي قابل ڪرڻ تہ هو سبق پڙهڻ، سمجهڻ ۾ انهي جو مقصد ياد ڪرڻ جي قابل ٿي وڃن.
- نوان لفظ لکڻ ۾ انهن مان جملا ٺاهڻ جي صلاحيت حاصل ڪري سگهن.
- اهي اهو ڄاڻي وٺن تہ ڀلائي انجام پاڙڻ ۾ ئي آهي.
- شاگردن ۾ انجام پاڙڻ جو جذبو پيدا ڪرڻ.
- شاگردن ۾ واعدو نڀائڻ جو جذبو پيدا ڪرڻ.

امدادي سامان

- بليڪ بورڊ
- ڪاپي
- سَولي سنڌي ڪتاب 8 ، صفحو نمبر 3

سکيا جو طريقو

- سبق انجام پاڙڻ پڙهائڻ کان اڳ ٻارن کان پڇيو وڃي تہ ڇا هنن ڪڏهن ڪو واعدو ڪيو آهي؟ جيڪڏهن ڪو واعدو ڪيو آهي تہ هنن اهو واعدو پورو ڪندي انجام پاڙيو آهي يا واعدو ٽوڙي ڇڏيو آهي؟ شاگردن جي ڳالهہ کي اڳيان وڌايو انهن جي تجربن جي روشني ۾ وڌيڪ ڳالهہ ٻولهہ ڪريو جيڪڏهن ڪنهن واعدو نہ نڀايو آهي تہ انهي جا ڪهڙا نقصان ٿيا آهن ۾ جيڪڏهن واعدو ڪري انجام پاڙيو آهي تہ انهي جا ڪهڙا فائدا ٿيا آهن؟
- ٻارن کي ٻڌايو تہ اڄ اسين سبق "انجام پاڙڻ" پڙهندا سين جنهن مان اسان کي اها ڄاڻ ملندي تہ انجام پاڙڻ ڇا کي چئبو آهي، انجام پاڙڻ سان ماڻهو هڪ ٻئي جي ويجهو ٿيندا آهن. سبق جي اعلان ڪانپوءِ ڪتاب سولي سنڌي 8 جو صفحو نمبر 3 کولايو. نون لفظن تي نشان لڳرايو ۾ انهن لفظن کي درست اُچار سان پڙهي ٻڌايو پوءِ سبق کي توهان (استاد) درست اُچار سان لفظ لفظ ڪري پڙهو ٻار هر لفظ تي آڱر رکن ۾ ڌيان سان ٻڌن. هاڻي کين سبق جو تت ٻڌايو تہ جيڪڏهن توهان ڪنهن سان ڪو واعدو ڪريو ٿا تہ انهي واعدي کي انجام تائين پهچايو ۾ جيڪڏهن توهان کي لڳي ٿو تہ مان اهو واعدو هن وقت پورو ڪونہ ڪري سگهندس تہ ڪنهن سان بہ واعدو ئي نہ ڪيو واعدي تان ڦري وڃڻ هڪ خراب عمل آهي.
- شاگردن کي اهو ٻڌايو وڃي تہ جيڪو ماڻهو واعدو ڪري انهي کي انجام تائين ڪونہ پهچائيندو آهي تہ انهي سان ڪو ماڻهو ڏيتي ليتي بہ ڪونہ ڪندو آهي، سندس ڪنهن ڳالهہ تي ڪو ماڻهو يقين بہ ڪونہ ڪندو آهي ۾ سڀ کان خراب ڳالهہ اها آهي تہ واعدي خلافي ڪرڻ وارو ماڻهو ڪنهن کي بہ ڪونہ وڻندو آهي،

سبق نمبر ۲

# وعدہ نبھانا

## مقاصد

- طلبا کو سبق ''وعدہ نبھانا'' کے مفہوم کی معلومات دینا۔
- انھیں اس قابل بنانا کہ وہ سبق پڑھنے، سمجھنے اور اس کا مقصد یاد کرنے کے قابل ہوجائیں۔
- نئے الفاظ لکھنے اور ان سے جملے بنانے کی صلاحیت حاصل کرسکیں۔
- وہ یہ جان لیں کہ بھلائی وعدہ پورا کرنے میں ہی ہے۔
- طلبا میں وعدہ نبھانے کا جذبہ پیدا کرنا۔

## امدادی اشیا

- تختۂ سیاہ
- کاپی
- آسان سندھی کتاب ۸، صفحہ نمبر ۳

## طریقۂ تدریس

- سبق ''وعدہ نبھانا'' پڑھانے سے پہلے طلبا سے پوچھا جائے کہ کیا انھوں نے کبھی کوئی وعدہ کیا ہے؟ اگر کوئی وعدہ کیا ہے تو انھوں نے اس وعدے کو نبھاتے ہوئے اسے انجام تک پہنچایا ہے یا پھر وعدہ توڑ دیا ہے؟ طلبا کی بات کو آگے بڑھائیں اور ان کے تجربات کی روشنی میں مزید بات چیت کیجیے۔ اگر کسی نے وعدہ پورا نہیں کیا تو اس کے کیا نقصانات ہوتے ہیں اور اگر کسی نے وعدہ نبھاتے ہوئے اسے انجام تک پہنچایا ہے تو اس کے کیا فوائد ہوئے ہیں؟
- طلبا کو بتایئے کہ آج ہم سبق ''وعدہ نبھانا'' پڑھیں گے جس سے ہمیں معلوم ہوگا کہ وعدہ نبھانا کسے کہا جاتا ہے۔ وعدہ نبھانے سے لوگ ایک دوسرے کے قریب آتے ہیں۔ سبق کے اعلان کے بعد کتاب آسان سندھی کا صفحہ نمبر ۳ کھلوایئے۔ نئے الفاظ پر نشان لگوایئے اور ان الفاظ کو درست لہجے سے پڑھ کر سنایئے۔ پھر سبق درست لہجے سے پڑھیے۔ طلبا ہر لفظ پر انگلی رکھیں اور دھیان سے سنیں۔ اب انھیں بتایئے کہ اگر آپ کسی سے وعدہ کرتے ہیں تو اس وعدے کو انجام تک پہنچائیں اور اگر آپ کو لگتا ہے کہ میں یہ وعدہ اس وقت پورا نہیں کرسکتا تو کسی سے وعدہ بھی نہ کریں۔ وعدہ کر کے مکر جانا ایک غلط عمل ہے۔
- طلبا کو یہ بھی بتایا جائے کہ جب کوئی آدمی وعدہ کر کے اسے انجام تک نہیں پہنچاتا تو اس سے کوئی بھی لین دین نہیں کرتا، اس کی کسی بات پر کوئی یقین بھی نہیں کرتا۔ سب سے بری بات یہ ہے کہ وعدہ خلافی کرنے والا شخص کسی کو بھی پسند نہیں ہوتا، ہر شخص اس سے دوری اختیار

هر ماڻهو پيو انهي کان پاسو ڪندو آهي ۽ هر ماڻهو اهڙي ماڻهو کان بيزار ٿي ويندو آهي. سبق جي حوالي سان گڏ مثال ڏيندا هلو ته جيئن ٻار آساني سان سبق جي اصل مقصد کي ڄاڻي سگهن. شاگردن کي ٻڌايو ته انجام پاڙڻ واري کي الله سائين به پسند ڪندو آهي ۽ پنهنجي ويجهو به آڻيندو آهي. انجام پاڙڻ وارو انسانن جي محبت جو وسيلو بڻجي ٿو.

## حل ٿيل مَشقَ

(الف) سوالن جا جواب:

1. عاقب ۽ ثاقب پنهنجي پيءُ سان گڏجي دڪان تان گهر جو سامان وٺڻ لاءِ نڪري پيا.
2. دڪان تي عاقب ۽ ثاقب ڏٺو ته مهيني جي اوڌر تي سودو ڪٽڻ وارو هڪڙو گراهڪ جڏهن دڪان تي آيو ته دڪاندار کائنس پئسن جي گهر ڪئي. جنهن تي هن ڪيس چيو ته اجا ڪيس پگهار ڪونه ملي آهي، جنهن ڪري هو سندس اوڌر نه ٿو ڏئي سگهي. دڪاندار چيس ته پاڻو تون اڳ ۾ به ڪيترائي پيرا ايئن ڪري چڪو آهين ۽ تو ڪڏهن به انجام ڪونه پاڙيو آهي سدائين ڪو نه ڪو بهانو ڪري هليو ويندو آهين. دڪاندار مٿس ڏاڍو تپجي ويو.
3. ٻنهي ڀائرن پنهنجي پيءُ کان ان دڪاندار ۽ گراهڪ جي وچ ۾ ٿيل ڳالهين بابت سوال ڪيو ته دڪاندار هڪڙي گراهڪ کي ائين ڇو چئي رهيو هو ته هن ڪڏهن به پنهنجو انجام نه پاڙيو آهي، اهو انجام پاڙڻ وري ڇا آهي؟
4. عاقب ۽ ثاقب جي پيءُ ٻنهي پٽن جي ڳالهه پهرين غور سان ٻڌي ۽ پوءِ کين سمجهائيندي چيو ته پٽ انجام پاڙڻ جو مطلب آهي واعدو نڀائڻ. ان جي اها معني آهي ته ماڻهو جنهن سان به ڪو واعدو ڪري ته اهو پورو ڪري.
5. جيڪو ماڻهو پنهنجو انجام نه پاڙيندو آهي. اهڙي ماڻهو سان ڪير به ڏيتي ليتي نه ڪندو آهي. واعدي خلافي ڪرڻ وارو ماڻهو ڪنهن کي به ڪونه وڻندو آهي، هرڪو اهڙي ماڻهو کان بيزار هوندو آهي.

(ب) لفظ ناهڻ:

1. رُسڻ مان رُسبو
2. چڪڻ مان چڪبو
3. مِلڻ مان مِلبو
4. کِلڻ مان کِلبو

(ج) محاورن جي معني:

| محاورو | معني |
|---|---|
| ٻاڦ ٻاهر نه ڪيڻ | وڏي ڳالهه برداشت ڪرڻ |
| پت سان منهن لڳڻ | سبق ملڻ |
| تريون مهٽڻ | ڪجهه به هٿ نه لڳڻ |

کرتا ہے اور ہر آدمی اس سے بے زار ہوجاتا ہے۔ سبق کے حوالے سے مثالیں دیجیے تاکہ طلبا بآسانی سبق کے اصل مقصد کو سمجھ سکیں۔ طلبا کو بتائیے کہ وعدہ نبھانے والے کو اللہ بھی پسند کرتا ہے اور اپنے قریب رکھتا ہے۔ وعدہ نبھانے والا انسانوں کی محبت کا وسیلہ بنتا ہے۔

## حل شدہ مشق

(الف) سوالات کے جوابات:

۱۔ عاقب اور ثاقب اپنے والد کے ساتھ دکان سے گھر کا سامان لینے کے لیے نکل پڑے۔

۲۔ دکان پر عاقب اور ثاقب نے دیکھا کہ مہینے کا سودا ادھار پر لینے والا ایک گاہک جب دکان پر آیا تو دکاندار نے اس سے پیسوں کی مانگ کی۔ جس پر اس نے کہا کہ ابھی اسے تنخواہ نہیں ملی اس لیے وہ اس کا ادھار نہیں اتار سکتا۔ دکاندار نے کہا کہ بھائی تم پہلے بھی اس طرح کہہ چکے ہو اور تم نے کبھی بھی وعدہ نہیں نبھایا ہمیشہ کوئی نہ کوئی بہانہ بنا کر چلے جاتے ہو۔ دکاندار اس پر بہت غصہ ہوگیا۔

۳۔ دونوں بھائیوں نے اپنے والد سے اس دکاندار اور گاہک کے درمیان ہونے والی گفتگو کے بارے میں سوال کیا کہ دکاندار ایک گاہک کو ایسا کیوں کہہ رہا ہے کہ اس نے کبھی بھی اپنا وعدہ پورا نہیں کیا۔ یہ وعدہ نبھانا کیا ہوتا ہے؟

۴۔ عاقب اور ثاقب کے والد نے دونوں بیٹوں کی بات غور سے سنی اور انھیں سمجھاتے ہوئے کہا کہ بیٹا وعدہ نبھانے کا مطلب ہے کہ آدمی کسی سے بھی کوئی وعدہ کرے تو اسے پورا کرے۔

۵۔ جو شخص وعدہ نہیں نبھاتا ایسے شخص سے کوئی لین دین نہیں کرتا۔ وعدہ خلاف شخص کو کوئی بھی پسند نہیں کرتا۔ ہر کوئی اس سے بے زار ہوتا ہے۔

(ب) الفاظ بنانا:

۱۔ رُسنا مان رُسبو = روٹھنے سے روٹھا جائے گا

۲۔ چکنا مان چکبو = چکھنے سے چکھا جائے گا

۳۔ مِلنا مان مِلبو = ملنے سے ملا جائے گا

۴۔ کِلنا مان کِلبو = ہنسنے سے ہنسا جائے گا

(ج) محاوروں کے معانی:

| محاورے | معانی |
|---|---|
| بھاپ نہ نکالنا | بڑی بات برداشت کرنا |
| دیوار سے منھ لگنا | سبق ملنا |
| ہتھیلیاں مَلنا | کچھ بھی ہاتھ نہ لگنا |

## سبق ٽيون

# رحمدلي

### مقصد

- شاگردن کي سبق "رحمدلي" جي مفهوم جي ڄاڻ ڏيڻ.
- کين انهي قابل ڪرڻ ته هو سبق پڙهڻ، سمجهڻ ۽ انهي جو مقصد ياد ڪرڻ جي قابل ٿي وڃن.
- نوان لفظ لکڻ ۽ انهن مان جملا ٺاهڻ جي صلاحيت حاصل ڪري سگهن.
- هو اهو ڄاڻي وٺن ته ڀلائي رحمدل ٿيڻ ۾ ئي آهي.
- شاگردن ۾ رحمدلي ۽ ڪنهن جي دل نه رنجائڻ جو جذبو پيدا ڪرڻ.

### امدادي سامان

- بليڪ بورڊ
- ڪاپي
- سَولي سنڌي ڪتاب 8 ، صفحو نمبر 6

### سکيا جو طريقو

- ٻارن کي ٻڌايو ته اڄ اسين سبق "رحمدلي" پڙهندا سين جنهن مان اسان کي اها ڄاڻ ملندي ته رحمدلي ڇا کي چئبو آهي، رحم ڪرڻ سان ماڻهو هڪ ٻئي جي ويجهو ٿيندا آهن. سبق جي اعلان ڪانپوءِ ڪتاب سولي سنڌي8 جو صفحو نمبر 6 کولرايو. نون لفظن تي نشان لڳرايو ۽ انهن لفظن کي درست اُچار سان پڙهي ٻڌايو. پوءِ سبق درست اُچار سان لفظ لفظ ڪري پڙهو ٻار هر لفظ تي آڱر رکن ۽ ڌيان سان ٻڌن. هاڻي کين سبق رحمدلي جو تت ٻڌايو ته جيڪڏهن توهان ڪنهن سان رحمدلي ڪريو ٿا ته سامهون وارو انسان توهان سان محبت ڪرڻ لڳي ٿو ۽ موٽ ۾ هو انهي شخص جو ٿورائتو به رهي ٿو جنهن هن سان رحمدلي جو سلوڪ ڪيو آهي. ۽ شاگردن کي ٻڌايو ته رحمدل اهو هوندو آهي جيڪو ٻين جي ڏکن ۽ تڪليفن کي پنهنجو سمجهي ۽ بنا ڪنهن فرق جي هر انسان جي خدمت ڪندو رهي، ٻين جي خواهشن جو خيال رکڻ، ڪنهن جي دل نه رنجائڻ کي به رحمدلي جو نالو ڏئي سگهجي ٿو. شاگردن کي ٻڌايو ته اسان جي نبي سڳوريﷺ جي سموري حياتي رحمدلي سميت سهڻن اخلاقن جو هڪ اعلي نمونو آهي. شاگردن کي ٻڌايو ته رحمدلي جو جذبو انسانن کان سواءِ هر مخلوق تي هجڻ ضروري آهي، پکين، جيتن، مڇين ۽ هر قسم جي مخلوق جو خيال رکڻ ۽ انهن کي ڏک تڪليف کان بچائڻ به رحمدلي آهي. سبق جي حوالي سان گڏ مثال ڏيندا هلو ته جيئن ٻار آساني سان سبق جي اصل مقصد کي ڄاڻي سگهن. شاگردن کي ٻڌايو ته ڪنهن تي رحم ڪرڻ واري کي الله سائين به پسند ڪندو آهي ۽ پنهنجي ويجهو به آڻيندو آهي. رحمدلي ڪرڻ وارو انسانن جي محبت جو وسيلو بڻجي ٿو.

سبق نمبر ۳

# رحم دلی

مقاصد:

- طلبا کو سبق ''رحم دلی'' کے مفہوم کی معلومات دینا۔
- انھیں اس قابل کرنا کہ وہ سبق پڑھنے، سمجھنے اور اس کا مقصد یاد کرنے کے قابل ہوجائیں۔
- نئے الفاظ لکھنے اور ان سے جملے بنانے کی صلاحیت حاصل کرسکیں۔
- وہ یہ جان لیں کہ رحم دل ہونے میں بھلائی ہے۔
- طلبا میں رحم دلی اور کسی کا دل نہ دُکھانے کا جذبہ پیدا کرنا۔

امدادی اشیا

- تختۂ سیاہ
- کاپی
- آسان سندھی کتاب ۸ ،صفحہ نمبر ۶

طریقۂ تدریس

- طلبا کو بتایئے کہ آج ہم سبق ''رحم دلی'' پڑھیں گے جس سے ہمیں معلوم ہوگا کہ رحم دلی کسے کہا جاتا ہے۔ رحم کرنے سے لوگ ایک دوسرے کے قریب ہوتے ہیں۔ سبق کے اعلان کے بعد کتاب آسان سندھی ۸ کا صفحہ نمبر ۶ کھلوایئے۔ نئے الفاظ پر نشان لگوایئے اور ان الفاظ کو درست تلفظ سے پڑھ کر سنایئے۔ پھر سبق کو درست لہجے سے لفظ بہ لفظ پڑھیے۔ طلبا ہر لفظ پر انگلی رکھیں اور دھیان سے سنیں۔ اب انھیں سبق کا مطلب بتایئے کہ اگر آپ کسی سے رحم دلی کرتے ہیں تو سامنے والا شخص آپ سے محبت کرنے لگتا ہے اور وہ اس کا احسان مند بھی رہتا ہے جس نے اس سے رحم دلی کا سلوک کیا ہے۔ طلبا کو بتایئے کہ رحم دل وہ ہوتا ہے جو دوسروں کے دکھ درد کو اپنا سمجھ کر بنا کسی فرق کے ہر انسان کی خدمت کرتا ہے۔ دوسروں کی خواہشات کا خیال رکھنا، کسی کا دل نہ دکھانا بھی رحم دلی ہے۔ طلبا کو بتایئے کہ ہمارے پیارے نبی ﷺ کی تمام زندگی رحم دلی کے ساتھ حسن اخلاق کا بہترین نمونہ ہے۔ طلبا کو بتایئے کہ رحم دلی کا جذبہ انسانوں کے علاوہ اللہ کی دیگر مخلوقات پر بھی ہونا ضروری ہے۔ پرندوں، مویشیوں، مچھلیوں اور ہر قسم کی مخلوق کا خیال رکھنا اور ان کو تکلیف سے بچانا بھی رحم دلی ہے۔ سبق کے حوالے سے مثالیں دیجیے جس سے طلبا بآسانی سبق کے اصل مقصد کو سمجھ سکیں۔ طلبا کو بتایئے کہ کسی پر رحم کرنے والے کو اللہ تعالیٰ بھی پسند کرتا ہے اور اپنے قریب رکھتا ہے۔ رحم دلی کرنے والا انسان لوگوں کی محبت کا وسیلہ بنتا ہے۔

شاگردن کي چئو تہ اچو تہ اچ سڀ اهو واعدو ڪريون تہ اچ کان پوءِ اسين بہ رحمدلي جو مظاهرو ڪندا سين، ڪنهن کي بہ تڪليف ڪونہ رسائيندا سين هر ڪنهن جي پنهنجي وس آهر مدد ڪندا سين. اهو عمل نہ رڳو اسين پاڻ ڪندا سين پر پنهنجي دوستن ڀائرن ۽ ڀينرن کي بہ اها تلقين ڪندا سين تہ اهي بہ پنهنجي اندر رحمدلي واري خاصيت پيدا ڪن تہ جيئن هن معاشري ۾ محبت اجا پروان چڙهي.

## حل ٿيل مَشقَ

(الف) سوالن جا جواب:

1. رحمدلي جو مطلب آهي "ترس يا ڪهل ڪائڻ". انسان کي پاڻ کان هيٺن، ڪمزورن، بيمارن، معذورن، پوڙهن، يتيمن، مسڪينن ۽ ٻين جي مدد ڪرڻ گهرجي گهُر جائو انسانن مٿان ڪهل ڪائڻ کپي، انهيءَ جذبي کي اصل ۾ رحمدلي چيو وڃي ٿو.
2. رحمدل انسان اهو آهي جيڪو ٻين جي ڏکن ۽ تڪليفن کي پنهنجو سمجهي ۽ بنا ڪنهن رشتي ناتي، ۽ ننڍ وڏائي جي فرق جي هر انسان جي هڪ جيتري خدمت ڪري.
3. حضرت محمد ﷺ جن جي سچي حياتي رحمدليءَ سميت سهڻن اخلاقن جو هڪ اعليٰ نمونو آهي. پاڻ سڳوراﷺ جنهن واٽ تان لنگهندا هئا تہ هڪ ٻيڙي عورت مٿن ڪچرو ڦٽو ڪندي هئي ۽ اهو عمل هر روز ڪيو ويندو هو ۽ پاڻ ان عورت کي ڪجهہ بہ ڪونہ چوندا هئا، هڪ ڀيري ائين ٿيو جو اُن عورت مٿن ڪچرو ڦٽي ڪونہ ڪيو تہ پاڻ سڳورنﷺ اصحابنؓ کان پڇيو تہ اج اُن عورت ڪچرو ڦٽو ڇو نہ ڪيو آهي؟ تہ ورندي ملي تہ سائين اها عورت بيمار ٿي پئي آهي ۽ پاڻ سڳوراﷺ ان وقت ئي هن عورت جي طبيعت جو پڇڻ هليا ويا. اهو حضورﷺ جن جي رحمدلي جو بهترين مثال آهي.
4. رحمدليءَ جو جذبو هڪ انسان کي ٻين کان مختلف بڻائي ٿو ۽ ٻين انسانن جي ويجهو پڻ آڻي ٿو.
5. رحمدلي ٻين جي مدد ڪرڻ، ٻڪايل کي ماني کارائڻ، رستي ڀليل کي رستو ڏيکارڻ، منجهيل جو مسئلو حل ڪرڻ سان ڪري سگهجي ٿي.

(ب) لفظن جا ضد:

| ضد | لفظ | ضد | لفظ |
|---|---|---|---|
| تندرست | بيمار | جوان | ضعيف |
| ذلت | عزت | ادنيٰ | اعليٰ |
| نالائق | لائق | وڏو | ننڍو |

(ج) زمان ماضي بعيد:

ڏيرج ٻاهر ويو هو.

شيراز گهر آيو هو.

مون ناول پڙهيو هو.

طلبا سے کہیے کہ آج سب یہ وعدہ کریں کہ آج کے بعد ہم بھی رحم دلی کا مظاہرہ کریں گے، کسی کو تکلیف نہیں دیں گے اور ہر کسی کی اپنے طور پر مدد کریں گے۔ نہ صرف ہم خود بلکہ اپنے دوستوں، بہن بھائیوں کو بھی تلقین کریں گے کہ وہ بھی اپنے اندر رحم دلی کا جذبہ پیدا کریں تا کہ معاشرے میں محبت پروان چڑھے۔

## حل شدہ مشق

(الف) سوالات کے جوابات:

۱۔ رحم دلی کا مطلب ہے "ترس کھانا" انسانوں کو لاچار، کمزور، بیمار، معذور، بوڑھے، یتیم، مسکین اور دوسروں کی مدد کے ضرورت مند انسانوں پر رحم کرنا چاہیے۔ اس جذبے کو اصل میں رحم دلی کہا جاتا ہے۔

۲۔ رحم دل انسان وہ ہے جو دوسروں کے دکھ درد کو اپنا سمجھے اور بغیر کسی رشتے ناتے اور تفریق کے انسانیت کی خدمت کرے۔

۳۔ حضرت محمد ﷺ کی تمام زندگی رحم دلی کے ساتھ حسن اخلاق کا ایک اعلیٰ نمونہ ہے۔ آپ ﷺ جس راستے سے گزرتے تھے تو وہاں پر ایک بوڑھی عورت آپ ﷺ پر کچرا پھینکتی تھی اور یہ عمل ہر روز کرتی تھی۔ نبی کریم ﷺ اس عورت کو کچھ نہیں کہتے تھے۔ ایک دن ایسا ہوا کہ اس عورت نے کچرا نہیں پھینکا تو آپ ﷺ نے صحابۂ کرام رضی اللہ عنہم سے دریافت کیا کہ "آج اس عورت نے کچرا کیوں نہیں پھینکا۔" صحابۂ کرام رضی اللہ عنہم نے عرض کیا "یا رسول اللہ ﷺ وہ عورت بیمار ہوگئی ہے۔" آپ ﷺ اسی وقت اس عورت کی عیادت کے لیے چلے گئے۔ یہ نبی کریم ﷺ کی رحم دلی کی بہترین مثال ہے۔

۴۔ رحم دلی کا جذبہ ایک انسان کو دوسرے سے مختلف بناتا ہے اور دوسرے انسانوں کے قریب بھی لاتا ہے۔

۵۔ رحم دلی دوسروں کی مدد کرنے، بھوکے کو کھانا کھلانے، راستہ بھٹکنے والے کو راستہ دکھانے اور پریشان کا مسئلہ حل کرنے سے کی جاسکتی ہے۔

(ب) متضاد الفاظ:

| الفاظ | متضاد |
|---|---|
| ضعیف | جوان |
| اعلیٰ | ادنیٰ |
| چھوٹا | بڑا |
| بیمار | تندرست |
| عزت | ذلت |
| لائق | نالائق |

(ج) زمانہ ماضی بعید:

دھیرج باہر گیا تھا۔

شیراز گھر آیا تھا۔

میں نے ناول پڑھا تھا۔

سبق چوٿون

# نعت

## مقصد

- شاگردن کي نعت جي معني ۽ مفهوم جي ڄاڻ ڏيڻ.
- حضرت محمدﷺ جي حياتي جي چڱن مثالن جي ڄاڻ ڏيڻ.
- کين انهي قابل ڪرڻ ته هو نعت پڙهڻ، سمجهڻ ۽ زباني ياد ڪرڻ جي قابل ٿي وڃن.
- نوان لفظ لکڻ ۽ انهن مان جملا ٺاهڻ جي صلاحيت حاصل ڪري سگهن.
- هو اهو ڄاڻي وٺن ته اسان جو نبيﷺ اسان لاءِ ۽ سموري انسان ذات لاءِ ڪهڙو پيغام کڻي آيو.

## امدادي سامان

- بليڪ بورڊ
- ڪاپي
- سَولي سنڌي ڪتاب 8 ، صفحو نمبر 8

## سکيا جو طريقو

- نعت پڙهائڻ کان اڳ ٻارن کان پڇيو وڃي ته ڇا هو ڪڏهن اهو سوچين ٿا ته اسان لاءِ حق جو پيغام ڪير کڻي آيو؟ نبي ڪريمﷺ جي باري ۾ ٻارن کي ڪهڙي ڄاڻ آهي؟
- ٻارن کي ٻڌايو ته اڄ اسين نعت پڙهندا سين جنهن مان اسان کي اها ڄاڻ ملندي ته اسان جو نبي سڳوروﷺ اسان لاءِ ڪهڙو پيغام کڻي آيو. سبق جي اعلان کانپوءِ ڪتاب سولي سنڌي8 جو صفحو نمبر 8 کولرايو. نون لفظن تي نشان لڳرايو ۽ انهن لفظن کي درست اُچار سان پڙهي ٻڌايو. پوءِ نعت کي درست اُچار سان لفظ لفظ ڪري پڙهو ۽ ٻار هر لفظ تي آڱر رکن ۽ ڌيان سان ٻڌن. هاڻي کين نعت جي معني ٻڌايو ته نعت اهڙا بيت آهن جن ۾ نبي سڳوريﷺ جي تعريف بيان ڪئي وڃي.
- نعت ۾ موجود ڏکين يا نون لفظن تي نشان لڳرايو. پوءِ نعت ٻارن کان واري واري پڙهائيو. پوءِ ٻن ٻارن کان جوڙي جي صورت ۾ واري واري پڙهائيو جنهن ۾ هڪ سنو پڙهڻ وارو هجي ۽ ٻيو ٿوري ڏکيائي محسوس ڪندو هجي. پوءِ پنجن ٻارن جو گروپ جوڙي پڙهائيو وڃي. جنهن کان پوءِ سڀ ٻار توهان سان گڏجي نعت پڙهن. اهڙي ريت آساني سان ٻارن کي نعت ياد ٿي ويندي.

## حل ٿيل مَشقَ

(الف) سوالن جا جواب:

1. هن نعت ۾ شاعر نبي سڳوريﷺ کي مرسل مٺا، دردمندن جي دوا، پيشوا، جود و سخا، مهر و وفا، دلربا، ير جهلا، رفيق، رهنما، مشڪل ڪشا، نور خدا جي نالي سان ياد ڪيو آهي.

سبق نمبر ۴

# نعت

## مقصد

- طلبا کو نعت کے معنی اور مفہوم کی معلومات دینا۔
- حضرت محمد صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم کی زندگی کی اچھی مثالیں بیان کرنا۔
- انھیں اس قابل کرنا کہ وہ نعت پڑھنے، سمجھنے اور زبانی یاد کرنے کے قابل ہوجائیں۔
- نئے الفاظ لکھنے اور ان سے جملے بنانے کی صلاحیت حاصل کرسکیں۔
- وہ یہ جان لیں کہ ہمارے نبی صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم ہمارے لیے اور تمام انسانوں کے لیے کیا پیغام لے کر آئے۔

## امدادی اشیا

- تختۂ سیاہ
- کاپی
- آسان سندھی کتاب ۸، صفحہ نمبر ۸

## طریقۂ تدریس

- ''نعت'' پڑھانے سے پہلے طلبا سے پوچھا جائے کہ کیا انھیں معلوم ہے کہ ہمارے لیے حق کا پیغام کون لے کر آیا؟ نبی کریم صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم کے بارے میں طلبا کو کیا معلوم ہے؟ طلبا کی بات آگے بڑھاتے ہوئے ان کے تجربات کی روشنی میں مزید بات چیت کیجیے۔
- طلبا کو بتائیے کہ آج ہم نعت پڑھیں گے جس سے ہمیں یہ معلوم ہوگا کہ ہمارے نبی صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم ہمارے لیے کیا پیغام لے کر آئے۔ سبق کے اعلان کے بعد کتاب آسان سندھی ۸ کا صفحہ نمبر ۸ کھلوائیے۔ نئے الفاظ پر نشان لگوائیے اور ان الفاظ کو درست ہجے سے پڑھ کر سنائیے۔ نعت کو درست تلفظ سے لفظ بہ لفظ ترنم سے پڑھیے۔ بچے ہر لفظ پر انگلی رکھیں اور دھیان سے سنیں۔ انھیں بتائیے کہ نعت اسے کہتے ہیں جس میں نبی کریم صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم کی تعریف بیان کی جائے۔ اس کے بعد اشعار کا ترجمہ آسان الفاظ میں کیجیے۔
- نعت میں موجود مشکل یا نئے الفاظ پر نشان لگوائیے۔ پھر طلبا سے باری باری نعت پڑھوائیے۔ دو طلبا سے جوڑے کی صورت میں نعت پڑھوائیے جن میں ایک اچھا پڑھنے والا اور دوسرا تھوڑی دشواری محسوس کرتا ہو۔ پھر پانچ طلبا کا گروپ بنا کر نعت پڑھوائیے جس کے بعد سب بچّے آپ کے ساتھ مل کر نعت ترنم سے پڑھیں اس طرح طلبا کو بآسانی نعت یاد ہوجائے گی۔

## حل شدہ مشق

(الف) سوالات کے جوابات:

۱۔ اس نعت میں شاعر نے نبی کریم صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم کو مرسل، میٹھے، درمندوں کی دوا، پیشوا، جود وسخا، صاحبِ مہر و وفا، دلربا، رفیق، رہنما، مشکل کشا اور نورِ خدا کے ناموں سے یاد کیا ہے۔



OXFORD
UNIVERSITY PRESS

2. شاعر حضرت محمدﷺ جن کي راهہ ڀليلن لاءِ رفيق ۽ رهنما سڏيو آهي.

3. هن نعت جي آخري بند ۾ شاعر پاڻﷺ بابت چيو آهي تہ هڪ تون ئي تہ آهين جنهن جي دامن ۾ مان اچي لڪيو آهيان.

(ب) هيٺ ڏنل بند مڪمل ڪريو:

شان ۾ تو ڪان مٿي، مرسل مٿا ٻيو ڪير آ؟
ها اگر آهي تہ بس آهي خدا، ٻيو ڪير آ؟
زخم ڏيندڙ کي ڪري، جيڪو دعا ٻيو ڪير آ؟
صاحب جود و سخا، مهر و وفا ٻيو ڪير آ؟

(ج) هم قافيا لفظ:

دوا _ پيشوا
دعا _ وفا
دلربا _ مٿا
ڀرجهلا _ رهنما

۲۔ شاعر نے حضرت محمد ﷺ کو راستہ بھٹکنے والوں کے لیے رفیق اور رہنما کہا ہے۔

۳۔ اس نعت کے آخری بند میں شاعر نے آپ ﷺ کے بارے میں کہا ہے کہ ایک آپ ﷺ ہی ہیں جن کے دامن میں آ کر چھپا ہوں۔

(ب) مندرجہ ذیل بند مکمل کریں:

شان میں آپ ﷺ سے اوپر، مرسل بیٹھے دوسرا اور کون ہے؟

ہاں ہے تو بس ہے خدا، دوسرا اور کون ہے؟

زخم دینے والے کے لیے کرے، جو دعا دوسرا اور کون ہے؟

صاحب جود وسخا، مہر و وفا دوسرا اور کون ہے؟

(ج) ہم قافیہ الفاظ:

دوا۔ پیشوا

دعا۔ وفا

دلربا۔ میٹھا

بھر جھلا۔ رہنما



OXFORD
UNIVERSITY PRESS

سبق پنجون

# ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو

## مقصد

- شاگردن کي سبق جي مفهوم جي ڄاڻ ڏيڻ.
- سنڌي ادب ۾ اديبن جي ڪردار کان آگاهي فراهم ڪرڻ.
- شاگردن ۾ ادبي لکڻين کي پڙهڻ ۽ لکڻ جي جذبي کي وڌائڻ.
- کين انهي قابل ڪرڻ تہ هو سبق پڙهڻ، سمجهڻ ۽ انهي جو مقصد ياد ڪرڻ جي قابل ٿي وڃن.
- نوان لفظ لکڻ ۽ انهن مان جملا ٺاهڻ جي صلاحيت حاصل ڪري سگهن.
- ٻارن کي اها ڄاڻ ملي تہ لکڻ جو ڏانءُ ننڍپڻ کان ئي پيدا ٿي سگهي ٿو جيڪڏهن اسين پنهنجي اندر جي ليکڪ کي جاڳايون تہ.
- شاگردن ۾ علم ۽ ادب جو چاهہ پيدا ڪرڻ.
- شاگردن کي ادبي شخصيت جي تعارف کان آگاهي ڏيڻ.

## امدادي سامان

- بليڪ بورڊ
- ڪاپي
- سنڌ جي ڪجهہ اهم اديبن جون تصويرون
- سَولي سنڌي ڪتاب 8 ، صفحو نمبر 10

## سکيا جو طريقو

- سبق پڙهائڻ کان اڳ ٻارن کان پڇيو وڃي ادب ڇا کي چئبو آهي؟ اسان جا سنڌي اديب سنڌي ادب ۾ ڪهڙي نوڻ آڻي رهيا آهن؟ ٻارن جي ڳالهہ کي اڳيان وڌائيندا هلو.
- ٻارن کي ٻڌايو تہ اڄ اسين سبق ”ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو“ پڙهندا سين جنهن مان اسان کي اها ڄاڻ ملندي تہ ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو ڪير هو. ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو سنڌ جي تعليمي ادارن ۽ سنڌي ادب ۾ ڪهڙو ڪردار ادا ڪيو؟ پوءِ انهن اديبن جي باري ۾ پڇا ڪريو جيڪي ادب ۾ باقاعدي شامل ٿيا آهن؟ سبق جي اعلان کانپوءِ ڪتاب سولي سنڌي8 جو صفحو نمبر 10 کولايو. نون لفظن تي نشان لڳرايو ۽ انهن لفظن کي درست اُچار سان پڙهي ٻڌايو. پوءِ سبق درست اُچار سان لفظ لفظ ڪري پڙهو ٻار هر لفظ تي آڱر رکن ۽ ڌيان سان ٻڌن. هاڻي کين ٻڌايو تہ ڪهڙي ريت هو تعليم حاصل ڪري ٿو هن جي لکيل ڪتابن ۾ ڪهڙا مشهور ڪتاب آهن. سبق جي دوران ٻارن کان ناليوارن سنڌي اديبن جا نالا پڇو ۽ جيڪڏهن هو ٻڌائي سگهن ٿا تہ انهن جي باري ۾ ٻارن کي وڌيڪ ڄاڻ مهيا ڪريو ۽ جيڪڏهن نالا نٿا ٻڌائي سگهن تہ توهان نالا ٻڌائي ڄاڻ مهيا ڪريو جيئن: امر جليل، شيخ اياز ۽ ٻيا ناليوارا اديب وغيره. ٻارن کي ٻڌايو تہ

سبق نمبر ۵

# ڈاکٹر عمر بن محمد داؤد پوتا

## مقاصد

- طلبا کو سبق کے مفہوم کی معلومات دینا۔
- سندھی ادب میں ادیبوں کے کردار سے آگاہی فراہم کرنا۔
- طلبا میں ادبی تحریروں کو پڑھنے اور لکھنے کے جذبے کو ابھارنا۔
- انھیں اس قابل کرنا کہ وہ سبق پڑھنے، سمجھنے اور اس کا مقصد یاد کرنے کے قابل ہوجائیں۔
- نئے الفاظ لکھنے اور ان سے جملے بنانے کی صلاحیت حاصل کرسکیں۔
- طلبا کو یہ معلوم ہوسکے کہ لکھنے کا شوق بچپن سے ہی پیدا ہوسکتا ہے اگر ہم اپنے اندر کے لکھاری کو جگائیں تو۔
- طلبا میں علم و ادب سے دلچسپی پیدا کرنا۔
- طلبا کو ادبی شخصیات کے تعارف سے آگاہی فراہم کرنا۔

## امدادی اشیا

- تختۂ سیاہ
- کاپی
- آسان سندھی کتاب ۸، صفحہ نمبر ۱۰

## طریقۂ تدریس

- سبق پڑھانے سے پہلے طلبا سے پوچھا جائے کہ کیا انھیں معلوم ہے کہ ادب کسے کہتے ہیں؟ سندھی ادیب سندھی ادب میں کیا نیا لے کر آ رہے ہیں؟ طلبا کی بات کو آگے بڑھائیے۔
- طلبا کو بتائیے کہ آج ہم سبق ''ڈاکٹر عمر بن محمد داؤد پوتا'' پڑھیں گے جس سے ہمیں علم ہوگا کہ ڈاکٹر عمر بن محمد داؤد پوتا کون تھے۔ ڈاکٹر عمر بن محمد داؤد پوتا نے سندھ کے تعلیمی اداروں اور سندھی ادب میں کیا کردار ادا کیا؟ پھر ان ادیبوں کے بارے میں معلوم کیجیے جو ادب میں باقاعدہ شامل ہوئے ہیں۔ سبق کے اعلان کے بعد کتاب آسان سندھی۸ کا صفحہ نمبر ۱۰ کھلوائیے۔ نئے الفاظ پر نشان لگوائیے اور ان الفاظ کو درست ہجے سے پڑھ کر سنائیے۔ پھر سبق کو درست تلفظ سے لفظ بہ لفظ پڑھیے۔ بچے ہر لفظ پر انگلی رکھیں اور دھیان سے سنیں۔ اب انھیں ڈاکٹر عمر بن محمد داؤد پوتا کے بارے میں بتائیے کہ وہ کس طرح تعلیم حاصل کرتے ہیں۔ ان کی لکھی ہوئی کتابوں میں کون سی مشہور کتابیں ہیں۔ سبق کے دوران طلبا سے سندھی کے نامور ادیبوں کے نام پوچھیے اور اگر وہ بتا سکتے ہیں تو ان کے بارے میں طلبا کو مزید معلومات مہیا کیجیے۔ اگر نہیں بتا سکتے تو آپ نام بتا کر معلومات دیجیے۔ جیسے: امر جلیل، شیخ ایاز اور دوسرے

سنڌي ادب ۾ ڪيترائي اهڙا موتي آهن جن پاڻ کي پنهنجي لکڻين وسيلي مڃرايو آهي. انهي ڪان پوءِ سبق ۾ استعمال ٿيل ڏکين لفظن تي شاگردن کان نشان لڳرايو پوءِ انهن لفظن کي بورڊ تي لکي ٻارن کي آسان لفظن ۾ سمجهايو. سبق جي حوالي سان گڏ مثال ڏيندا هلو تہ جيئن ٻار آساني سان سبق جي اصل مقصد کي ڄاڻي سگهن. سبق ۾ استعمال ٿيل مثالن جي وضاحت ڪئي وڃي. سيني جي ترتيبوار وضاحت ڪندا هلو تہ جيئن ٻار آساني سان سبق سمجهي سگهن.

## حل ٿيل مَشقَ

(الف) سوالن جا جواب:

1. ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو دادو ضلعي جي ڳوٺ ٽلٽيءَ ۾ 25 مارچ سن 1896ع تي پيدا ٿيو.
2. ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽي پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ پرائي، ۽ سيڪنڊري تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ هو لاڙڪاڻي ويو جڏهن تہ ميٽرڪ ڪراچي مان پاس ڪيائين. پوءِ هن بمبئي يونيورسٽيءَ مان ايم اي جي ڊگري حاصل ڪئي ۽ اسڪالرشپ تي پي ايچ ڊي ڪرڻ لاءِ برطانيا جي ڪيمبرج يونيورسٽي ويو.
3. ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽي جا مشهور ڪتاب ”چچ نامو“ ۽ ”تاريخ معصومي“ آهن.
4. ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽي جي علمي ۽ ادبي خدمتن جي مڃتا طور، ان وقت جي انگريز سرڪار کيس 1940ع ۾ ”شمسُ العلماءَ“ جو خطاب پڻ ڏنو.
5. ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽي 22 نومبر 1958ع تي لاڏاڻو ڪري ويو.
6. ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽي کي سندس وصيت موجب پٽ شاهہ تي تمر فقير جي پڙ سان دفن ڪيو ويو.

(ب) جملن جا درست جواب:

1. ٽلٽي
2. 1940ع
3. 28 ڪتاب ڏنا

(ج) ظرف مڪان جا تي جملا:

1. هِتي اچ.
2. هُتي وڃ.
3. هيڏانهن اچو.

نامور ادیب۔ طلبا کو بتایئے کہ سندھی ادب میں کئی ایسے ادیب ہیں جنھوں نے خود کو اپنی تحریروں سے منوایا ہے۔ بعد ازاں سبق میں استعمال شدہ مشکل الفاظ پر طلبا سے نشان لگوایئے پھر ان الفاظ کو تختۂ سیاہ پر لکھ کر طلبا کو آسان الفاظ میں سمجھایئے۔ سبق کے حوالے سے مثالیں دیجیے، مثالوں کی وضاحت کیجیے جس سے طلبا بآسانی سبق کے اصل مقصد کو سمجھ سکیں۔

## حل شدہ مشق

(الف) سوالات کے جوابات:

۱۔ ڈاکٹر عمر بن محمد داؤد پوتا دادو ضلع کے گاؤں ٹلٹی میں ۲۵ مارچ ۱۸۹۶ء کو پیدا ہوئے۔

۲۔ ڈاکٹر عمر بن محمد داؤد پوتا نے پرائمری تعلیم اپنے گاؤں میں حاصل کی اور سیکنڈری تعلیم حاصل کرنے کے لیے وہ لاڑکانہ گئے جبکہ میٹرک کراچی سے کیا۔ انھوں نے ممبئی یونیورسٹی سے ایم اے کی ڈگری حاصل کی اور اسکالرشپ پر پی ایچ ڈی کرنے کے لیے برطانیہ کی کیمبرج یونیورسٹی گئے۔

۳۔ ڈاکٹر عمر بن محمد داؤد پوتا کی مشہور کتابیں ''چچ نامہ'' اور ''تاریخ معصومی'' ہیں۔

۴۔ ڈاکٹر عمر بن محمد داؤد پوتا کی علمی او رادبی خدمات پر اس وقت کی انگریز حکومت نے ۱۹۴۰ء میں انھیں ''شمس العلما'' کا خطاب بھی دیا۔

۵۔ ڈاکٹر عمر بن محمد داؤد پوتا ۲۲ نومبر ۱۹۵۸ء کو انتقال کر گئے۔

۶۔ ڈاکٹر عمر بن محمد داؤد پوتا کو ان کی وصیت کے مطابق بھٹ شاہ پر تمر فقیر کے برابر میں دفن کیا گیا۔

(ب) جملوں کے درست جواب:

۱۔ ٹلٹی۔

۲۔ ۱۹۴۰ء

۳۔ ۲۸ کتابیں دیں۔

(ج) ظرف مکاں کے تین جملے:

۱۔ یہاں آؤ۔

۲۔ وہاں جاؤ۔

۳۔ یہاں آئیں۔

سبق ڇهون

# قومي ٻڌي

## مقصد

- شاگردن کي سبق "قومي ٻڌي" جي مفهوم جي ڄاڻ ڏيڻ.
- کين انهي قابل ڪرڻ ته هو سبق پڙهڻ، سمجهڻ ۽ انهي جو مقصد ياد ڪرڻ جي قابل ٿي وڃن.
- نوان لفظ لکڻ ۽ انهن مان جملا ٺاهڻ جي صلاحيت حاصل ڪري سگهن.
- هو اهو ڄاڻي وٺن ته قومي ٻڌي ڇا هوندي آهي.
- شاگردن ۾ قومي ٻڌي جو جذبو پيدا ڪرڻ.
- شاگردن ۾ هڪ ٿي رهڻ جو جذبو پيدا ڪرڻ.
- شاگردن کي قومي ٻڌي وسيلي ملڪ ۽ قوم جي ترقيءَ جي تربيت ڏيڻ.

## امدادي سامان

- بليڪ بورڊ
- ڪاپي
- سَولي سنڌي ڪتاب 8 ، صفحو نمبر 13

## سکيا جو طريقو

- سبق پڙهائڻ کان اڳ ٻارن کان پڇيو وڃي ته ڇا کين خبر آهي ته قومي ٻڌي ڇا هوندي آهي؟ جيڪڏهن پاڻ ۾ ٻڌي نه هوندي ته ڪهڙو نقصان ٿيندو؟ شاگردن جي ڳالهه کي اڳيان وڌايو ۽ سندن تجربن جي روشني ۾ وڌيڪ ڳالهه ٻولهه ڪريو. "ٻه ته ٻارهن" "ٻڌي ۾ طاقت آهي" مان توهان کي ڪهڙي ڄاڻ ملي ٿي؟ شاگردن جي ڳالهين کي اڳتي وڌائيندي، انهي جي درست وضاحت ڪرڻ واري شاگرد کي شاباسي ڏني وڃي ته جيئن سبق شروع ڪرڻ کان اڳ ٻار اهو ڄاڻي وٺن ته قومي ٻڌي ۽ ايڪي ۾ ڪهڙو فائدو آهي.
- ٻارن کي ٻڌايو ته اڄ اسين سبق "قومي ٻڌي" پڙهندا سين جنهن مان اسان کي اها ڄاڻ ملندي ته قومي ٻڌي ڇا کي چئبو آهي، ٻڌي ۾ رهڻ واري ماڻهو کي ڪو به ٽوڙي ڪونه سگهندو آهي. سبق جي اعلان ڪانپوءِ ڪتاب سولي سنڌي8 جو صفحو نمبر 13 کولرايو. نون لفظن تي نشان لڳرايو ۽ انهن لفظن کي درست اُچار سان پڙهي ٻڌايو پوءِ سبق درست اُچار سان لفظ لفظ ڪري پڙهو ٻار هر لفظ تي آڱر رکن ۽ ڌيان سان ٻڌن. هاڻي کين ٻڌايو ته ڪنهن به قوم جي ترقي ۽ سڌاري لاءِ قومي ٻڌي جو هجڻ تمام اهم ۽ لازم آهي. هونئن به اڪيلو ماڻهو ڪڏهن به ڪو وڏو ڪارنامو سر انجام ڏئي نه سگهندو آهي، سبق ۾ موجود ڇوٽين وسيلي شاگردن کي ٻڌي جي تعريف ڪندا هلو. ڪاني وارو مثال ڏيو ته جيڪڏهن ڪا اڪيلي ڪاني هوندي آهي

سبق نمبر ۶

# قومی اتحاد

## مقاصد

- طلبا کو سبق ''قومی اتحاد'' کے مفہوم کی معلومات دینا۔
- انھیں اس قابل کرنا کہ وہ سبق پڑھنے، سمجھنے اور اس کا مقصد یاد کرنے کے قابل ہو جائیں۔
- نئے الفاظ لکھنے اور ان سے جملے بنانے کی صلاحیت حاصل کرسکیں۔
- وہ یہ جان لیں کہ قومی اتحاد کیا ہوتا ہے۔
- طلبا میں قومی اتحاد کا جذبہ پیدا کرنا۔
- طلبا میں ایک ہو کر رہنے کا جذبہ پیدا کرنا۔
- قومی اتحاد کے ذریعے ملک اور قوم کی ترقی کی تربیت دینا۔

## امدادی اشیا

- تختۂ سیاہ
- کاپی
- آسان سندھی کتاب ۸، صفحہ نمبر ۱۳

## طریقۂ تدریس

- سبق پڑھانے سے پہلے طلبا سے یہ پوچھا جائے کہ کیا وہ جانتے ہیں کہ قومی اتحاد کیا ہوتا ہے؟ اگر آپس میں اتحاد نہ ہو تو کیا نقصان ہوگا؟ طلبا کی بات آگے بڑھاتے ہوئے ان کے تجربات کی روشنی میں مزید بات چیت کیجیے۔''ایک اور ایک گیارہ'' اور''اتحاد میں طاقت ہے'' سے آپ کو کیا سبق ملتا ہے؟ طلبا کی بات آگے بڑھاتے ہوئے درست وضاحت کرنے والے طلبا کو شاباشی دیجیے جس سے سبق شروع ہونے سے پہلے طلبا یہ جان لیں کہ قومی اتحاد اور اس کے کیا فوائد ہیں۔
- طلبا کو بتایئے کہ آج ہم سبق ''قومی اتحاد'' پڑھیں گے جس سے ہمیں معلوم ہوگا کہ قومی اتحاد کیا ہوتا ہے۔ متحد رہنے والی قوم کو کوئی بھی توڑ نہیں سکتا۔ سبق کے اعلان کے بعد کتاب آسان سندھی ۸ کا صفحہ نمبر ۱۳ کھلوایئے۔ نئے الفاظ پر نشان لگوایئے اور ان الفاظ کو درست ہجے سے پڑھ کر سنایئے۔ پھر سبق درست تلفظ سے لفظ بہ لفظ پڑھیے۔ طلبا ہر لفظ پر انگلی رکھیں اور دھیان سے سنیں۔ اب انھیں سبق کا مطلب بتایئے کہ کسی بھی قوم کی ترقی اور کامیابی کے لیے قومی اتحاد کا ہونا بہت اہم اور لازم ہے۔ کوئی بھی اکیلا شخص بڑا کارنامہ سرانجام نہیں دے سکتا۔ سبق میں موجود کہاوتوں کے ذریعے اتحاد کی تعریف کیجیے۔ لکڑی والی مثال دیجیے کہ اگر کوئی اکیلی لکڑی ہوتی ہے


OXFORD
UNIVERSITY PRESS

تہ انھي کي هرڪو آساني سان ٽوڙي سگھي ٿو پر جيڪڏهن ڪاٺين کي گڏ رکيو وڃي تہ گڏ ٿيل ڪاٺيون ڪونہ ٽٽنديون ۽ وري ڏار ڪرڻ تہ هر هڪ ڪاٺي آساني سان ڀڄي پوندي آهي. هڪ ٻئي سان گڏجي رهڻ انسان جي مجبوري ۽ سماجي ضرورت بہ ٿئي ٿي، جنھن کي برقرار رکڻ نهايت ضروري هوندو آهي. هڪ معاشرو تڏهن ئي قائم ٿئي ٿو جڏهن چار ماڻهو گڏجي رهن ٿا. شاگردن کي سبق کان سواءِ ٻيا آسان مثال ڏئي سمجھائي سگھجي ٿو تہ هڪ گھر ۾ هڪ ماڻهو رهي ٿو ۽ پر واري گھر ۾ سمورا گھر ڀاتي گڏجي رهن ٿا ، اڪيلي گھر ۾ رهڻ وارو ماڻهو ڪيترين ئي ڏکيائيون ڏسي ٿو جڏهن تہ ٻئي گھر ۾ رهڻ وارا گھڻا ماڻهو پاڻ ۾ سکيا رهي سگھن ٿا. گڏجي رهڻ واري کي هرڪو عزت جي نگاهہ سان ڏسندو آهي. اڪيلو اڪيلو رهڻ سان هرڪو پنھنجي حيثيت وڃائي ويھي ٿو هر ماڻهو جي ترقي ۾ سڄي قوم جو ڪردار هوندو آهي. دنيا جي نقشي تي اڄ بہ اهي ملڪ ۽ قومون وڌيڪ خوشحال آهن ۽ ترقي ڪن ٿيون جن پاڻ ۾ ايڪي ۽ ٻڌي سان رهڻ سکي ورتو آهي. اڄ اسان جي قوم کي بہ عملي طور تي ٻڌي ۽ ايڪي جو ثبوت ڏيڻ جي ضرورت آهي تہ جيئن دنيا ۾ پنھنجو پاڻ کي هڪ قوم طور مڃرائي سگھون. اسان کي گھرجي تہ اسين پنھنجي ملڪ ۽ قوم جي مفادن کي پنھنجي ذاتي مفادن کان اهم سمجھون. سبق جي حوالي سان گڏ مثال ڏيندا هلو تہ جيئن ٻار آساني سان سبق جي اصل مقصد کي ڄاڻي سگھن. شاگردن کي چئو تہ اچو تہ اڄ سڀ اهو واعدو ڪريون تہ اڄ کان پوءِ اسين بہ قومي ٻڌي جو مظاهرو ڪندا سين. پنھنجن مفادن کي ڇڏي ملڪ ۽ قوم جي مفادن کي اهميت ڏيندا سين. اهو عمل نہ رڳو اسين پاڻ ڪندا سين پر پنھنجي دوستن پاڻرن ۽ ڀينرن کي بہ اها تلقين ڪندا سين تہ اهي بہ پنھنجي اندر قومي ٻڌي واري خاصيت پيدا ڪن تہ جيئن هن معاشري ۾ محبت اچا وڌيڪ پروان چڙهي.

- سبق ۾ موجود ڏکين يا نون لفظن تي نشان لڳرايو. پوءِ ٻارن کان واري واري سبق پڙهائيو. سبق سمجھائڻ لاءِ ڪلاس ۾ ٻارن کان 5 منٽن جو هڪ ٽيبلو ڪرائي سگھجي ٿو جنھن ۾ ٻارن جا ٻہ گروپ ٺاهيو هڪ گروپ جا ٻار گڏيل طور تي استاد پاران ٻڌايل سرگرمي کي ڪن جھڙوڪ ڪنھن بہ عنوان تي هڪ مضمون لکڻو آهي ۽ ٻئي گروپ جا ٻار اڪيلي اڪيلي انھي ساڳي عنوان تي مضمون لکن ۽ پوءِ استاد گڏيل گروپ جي شاگردن جي هڪ مضمون ۽ اڪيلي اڪيلي ٻار جي مضمون کي ڀيٽ ڪري شاگردن کي ٻڌائي تہ ٻنهي ۾ کھڙو فرق آهي، انهي ٽيبلو جي تياري استاد پاڻ ڪرائي ۽ انهي جا فائدا ۽ نقصان واضح ڪري سامهون رکي. ٽيبلو ختم ٿيڻ کانپوءِ استاد ٻارن کان سبق سان لاڳاپيل ڪجھہ سوال ڪري تہ جيئن ٻار آساني سان سمجھي سگھن.

## حل ٿيل مَشقَ

(الف) سوالن جا جواب:

1. قومي ٻڌي جو مطلب آهي تہ ڪنھن بہ قوم جي ترقي ۽ سڌاري لاءِ قومي ٻڌيءَ جو هجڻ نهايت اهم ۽ لازمي آهي جنھن قوم ۾ ٻڌي هوندي اها قوم نہ رڳو ترقيءَ جون منزلون طئي ڪندي پر دنيا جي ٻين قومن مٿان برتري حاصل ڪندي ٿي.

تو اسے ہر کوئی بہت آرام سے توڑ لیتا ہے مگر وہی لکڑی اگر دوسری لکڑیوں سے ملا کر رکھی جائے تو جمع کی ہوئی لکڑیاں نہیں ٹوٹیں گی اور الگ کرنے پر ہر ایک لکڑی پھر آرام سے ٹوٹ جائے گی۔ ایک دوسرے کے ساتھ مل کر رہنا انسان کی مجبوری اور سماجی ضرورت بھی ہے۔ جسے برقرار رکھنا انتہائی ضروری ہوتا ہے۔ ایک معاشرہ تب ہی قائم رہتا ہے جب لوگ مل کر رہتے ہیں۔ طلبا کو سبق کے علاوہ اور بھی عام مثالیں دے کر سمجھایا جاسکتا ہے کہ ایک گھر میں ایک شخص رہتا ہے اور برابر والے گھر میں گھر کے تمام افراد ایک ساتھ رہتے ہیں۔ اکیلے گھر میں رہنے والا شخص بہت سی مشکلات کا سامنا کرتا ہے جبکہ دوسرے گھر میں رہنے والے بہت سے لوگ آپس میں خوشی سے رہتے ہیں۔ مل جل کر رہنے والے کو ہر کوئی عزت کی نگاہ سے دیکھتا ہے۔ اکیلے رہنے سے ہر ایک شخص اپنی حیثیت کھو بیٹھتا ہے۔ ہر آدمی کی ترقی میں تمام قوم کا کردار ہوتا ہے۔ دنیا کے نقشے پر آج بھی وہ ملک اور قومیں زیادہ خوشحال اور ترقی کر رہی ہیں جو اتحاد اور ایکے سے رہتی ہیں۔ آج ہماری قوم کو بھی عملی طور پر اتحاد اور ایکے کا ثبوت دینے کی ضرورت ہے جس سے وہ دنیا میں خود کو ایک قوم کے طور پر منواسکے۔ ہمیں چاہیے کہ ہم اپنے ملک اور قوم کے مفادات کو اپنے ذاتی مفادات سے زیادہ اہم سمجھیں۔ سبق کے حوالے سے مثالیں دیجیے کہ جس سے طلبا بآسانی سبق کے اصل مقصد کو جان سکیں۔ طلبا سے کہیں کہ آیئے آج ہم سب یہ وعدہ کریں کہ آج کے بعد ہم بھی اتحاد کا مظاہرہ کریں گے۔ اپنے مفادات پر ملک و قوم کے مفادات کو فوقیت دیں گے اور نہ صرف خود بلکہ اپنے دوستوں اور بہن بھائیوں کو بھی اس کی تلقین کریں گے کہ وہ بھی اپنے اندر اتحاد کا جذبہ پیدا کریں جس سے معاشرے میں باہمی محبت پروان چڑھے۔

- سبق میں موجود مشکل یا نئے الفاظ پر نشان لگوایئے پھر طلبا سے باری باری سبق پڑھوایئے۔ سبق سمجھانے کے لیے جماعت میں طلبا سے پانچ منٹ کا ٹیبلو بھی کروایا جاسکتا ہے۔ جس میں طلبا کے دو گروپ بنا کر ایک گروپ کے طلبا مشترکہ طور پر اساتذہ کی جانب سے بتائی گئی سرگرمی کریں جیسے کسی عنوان پر مضمون لکھنا ہے اور دوسرے گروپ کے طلبا اکیلے اکیلے اسی عنوان پر مضمون لکھیں۔ پھر اساتذہ مشترکہ گروپ کے بچوں کے مضمون کا اکیلے اکیلے لکھے گئے مضمون سے مقابلہ کریں اور بتائیں کہ دونوں میں کیا فرق ہے۔ اس ٹیبلو کی تیاری اساتذہ خود کروائیں اور اس کے فوائد اور نقصانات واضح کر کے سامنے رکھیں۔ ٹیبلو کے اختتام پر اساتذہ طلبا سے سبق کے متعلق کچھ سوالات کریں جس سے یہ اندازہ لگایا جاسکے کہ طلبا نے سبق سے کیا سیکھا۔

## حل شدہ مشق

(الف) سوالات کے جوابات:

۱۔ قومی اتحاد کا مطلب ہے کہ کسی بھی قوم کی ترقی اور سدھار کے لیے قومی اتحاد کا ہونا نہایت اہم اور لازم ہے جس قوم میں اتحاد ہوگا تو وہ قوم نہ صرف ترقی کی منزلیں طے کرے گی بلکہ دنیا کی دوسری قوموں پر برتری حاصل کرے گی۔

2. ٻڌي ۾ طاقت جو مثال ائين بہ ڏنو ويندو آهي تہ هڪ اڪيلي ڪاٺيءَ کي جڏهن ڀڃبو آهي تہ اها آساني سان ڀڄي پوندي آهي پر جيڪڏهن ڪاٺين کي ملائي ڀڃڻ جي ڪوشش ڪبي تہ اهي ڪڏهن بہ ڪونہ ڀڄنديون، ڇو تہ اهي هڪ ٻئي سان گڏيل هونديون آهن. جيئن ئي انهن کي هڪ ٻئي کان ڌار ڪبو آهي تہ اهي آساني سان هڪ هڪ ڪري ڀڄي پونديون آهن.

3. ڪنهن قوم جا فرد جڏهن پاڻ ۾ ايڪي ۽ ٻڌيءَ سان رهندا آهن تہ اهي پنهنجي گڏيل طاقت سان دنيا کي بدلائي ڇڏيندا آهن.

4. اسان ۾ قومي ٻڌي تڏهن قائم ٿي سگهي ٿي جڏهن اسين پاڻ ۾ هڪ ٿي رهون ۽ زندگيءَ جي هر معاملي ۾ پنهنجي ملڪ ۽ قوم جي مفادن کي ذاتي مفادن کان مٿانهون سمجهون.

5. اڪيلي رهڻ سان ٻڌي ٽٽي پوندي آهي، اڪيلي تي ڪو بہ جلدي حملو ڪري سگهي ٿو اڪيلو ڪڏهن بہ ڪا ترقي نٿو ڪري سگهي.

(ب) ڪمن جا نالا (فعل):

اٿڻ، ويهڻ، ڪاٽڻ، پيئڻ، سمهڻ.

(ج) جملن جي درست ترتيب:

1. ڪو بہ اڪيلو ماڻهو اصل ۾ ڪجهہ بہ نہ هوندو آهي.
2. ايڪي جو ثبوت ڏيڻ جي ضرورت آهي.
3. ڪنهن جي اڪيلي راءِ جي ڪا اهميت نہ هوندي آهي.

(د) جملن جو اردو ۾ ترجمو:

ہر انسان کی ترقی میں اس کی قوم کا اجتماعی کردار ہوتا ہے۔ آج بھی وہ ممالک اور اقوام ترقی کی منزلیں طے کرتے ہیں، جو آپس میں اتفاق اور اتحاد سے رہنا سیکھ جاتے ہیں۔ آج ہماری قوم کو بھی عملی طور پر قومی یگانگت کا ثبوت پیش کرنے کی ضرورت ہے۔

۲۔ اتحاد اور طاقت کی مثال اس طرح بھی دی جاسکتی ہے کہ ایک اکیلی لکڑی کو جب توڑا جاتا ہے تو وہ آسانی سے ٹوٹ جاتی ہے مگر جب کئی لکڑیوں کو ملا کر توڑنے کی کوشش کی جائے تو وہ کبھی نہیں ٹوٹتیں کیونکہ وہ ایک دوسرے سے جڑی ہوتی ہیں ان کو ایک دوسرے سے الگ کیا جائے تو وہ بآسانی ایک ایک کر کے ٹوٹ جاتی ہیں۔

۳۔ کسی قوم کے افراد جب آپس میں اتحاد اور اتفاق کے ساتھ مل کر رہتے ہیں تو وہ اپنی مشترکہ طاقت سے دنیا کو بدل دیتے ہیں۔

۴۔ ہم میں قومی اتحاد تب قائم رہ سکتا ہے جب ہم آپس میں مل کر اور ایک ہو کر رہیں اور زندگی کے ہر معاملے میں اپنے ملک اور قوم کے مفادات کو بالاتر سمجھیں گے۔

۵۔ اکیلے رہنے سے اتحاد ٹوٹ جاتا ہے۔ اکیلے پر کوئی بھی جلد حملہ کرسکتا ہے۔ اکیلا کبھی بھی کوئی ترقی نہیں کرسکتا۔

(ب) کاموں کے نام (فعل):

اٹھنا ، بیٹھنا ، کھانا ، پینا ، سونا

(ج) جملوں کی درست ترتیب:

۱۔ کوئی بھی اکیلا شخص اصل میں کچھ بھی نہیں ہوتا۔

۲۔ اتحاد کا ثبوت دینے کی ضرورت ہے۔

۳۔ کسی کی انفرادی رائے کی کوئی اہمیت نہیں ہوتی۔

(د) جملوں کا اردو ترجمہ:

ہر انسان کی ترقی میں اس کی قوم کا اجتماعی کردار ہوتا ہے۔ آج بھی وہ ممالک اور اقوام ترقی کی منازل طے کرتی ہیں جو آپس میں اتفاق اور اتحاد سے رہنا سیکھ جاتی ہیں۔ آج ہماری قوم کو بھی عملی طور پر قومی یگانگت کا ثبوت پیش کرنے کی ضرورت ہے۔

سبق ستون

# وطن جي حب

## مقصد

- شاگردن کي نظم ”وطن جي حب“ جي معني ۽ مفهوم جي ڄاڻ ڏيڻ.
- کين انهي قابل ڪرڻ ته هو نظم پڙهڻ، سمجهڻ ۽ زباني ياد ڪرڻ جي قابل ٿي وڃن.
- نوان لفظ لکڻ ۽ انهن مان جملا ناهڻ جي صلاحيت حاصل ڪري سگهن.
- شاگردن ۾ پنهنجي ملڪ (ڌرتي) سان محبت ڪرڻ جو جذبو پيدا ڪرڻ.
- هو اهو ڄاڻي وٺن ته اسان جي لوڪ ادب ۾ ڪهڙا ڪردار هئا.
- شاگرد مارئي جي وطن جي حب جي جذبي کي سمجهي سگهن.

## امدادي سامان

- بليڪ بورڊ
- ڪاپي
- سَولي سنڌي ڪتاب 8 ، صفحو نمبر 16

## سکيا جو طريقو

- نظم پڙهائڻ کان اڳ ٻارن کان پڇيو وڃي ته ڇا هو ڪڏهن اهو سوچين ٿا ته هو پنهنجي ملڪ جي تعريف ڪيئن ڪري سگهن ٿا؟ وطن جي حب ۾ ماروئڙن سان پيار ڇا هوندو آهي؟ پنهنجي ديس کان پري رهڻ ۾ ڪهڙيون تڪليفون آهن؟ اسين پنهنجي وطن تان ڪيئن گهور وڃي سگهون ٿا؟ شاگردن جي ڳالهين کي اڳيان وڌائيندا هلو. شاگردن کي اهو به ٻڌائيندا هلو ته مارئي ٿر جي هڪ اهڙي عورت هئي جنهن کي ان وقت جي بادشاهه عمر سومري پنهنجي قيد ۾ ڪيو هو پر هوءَ سدائين محلن جي آرام کي ٺڪيندي هئي ۽ سدائين پنهنجي ڳوٺ ۽ ڳوٺ وارن ۽ مٽن مائٽن کي ياد ڪندي هئي.
- ٻارن کي ٻڌايو ته اڄ اسين نظم پڙهندا سين جنهن مان اسان کي اها ڄاڻ ملندي ته پنهنجي وطن ۽ انهن جي ماروئڙن سان پيار ڇا هوندو آهي ۽ وطن جي حب اصل ۾ ڇا کي چئبو آهي. سبق جي اعلان ڪانپوءِ ڪتاب سولي سنڌي8 جو صفحو نمبر 16 کولرايو. نون لفظن تي نشان لڳرايو ۽ انهن لفظن کي درست اُچار سان پڙهي ٻڌايو پوءِ نظم درست اُچار سان لفظ لفظ ڪري پڙهو ٻار هر لفظ تي آڱر رکن ۽ ڌيان سان ٻڌن. هاڻي کين بيتن جي سمجهاڻي آسان لفظن ۾ ڪيو. بيتن جي سمجهاڻي نثر ۾ ڪئي وڃي ته جيئن ٻارن کي بيت آساني سان سمجهه ۾ اچي وڃن جهڙوڪ: مارئي چوي ٿي ته اڄ مون انهن کي ياد ڪيو آهي جن کي ڏٿي تمام گهڻا ڏينهن ٿي ويا آهن. سي هاڻي پٽون ٽپي وڃي ڪنهن ٻئي علائقي ۾ وينا آهن. هاڻي اتي وڃي پنهنجا

سبق نمبر ۷

# حب الوطنی

## مقاصد

- طلبا کو نظم ''حب الوطنی'' کے معنی اور مفہوم کی معلومات دینا۔
- انھیں نظم پڑھنے، سمجھنے اور زبانی یاد کرنے کے قابل بنانا۔
- نئے الفاظ لکھنے اور ان سے جملے بنانے کی صلاحیت حاصل کرسکیں۔
- طلبا میں ملک سے محبت کرنے کا جذبہ پیدا کرنا۔
- وہ یہ جان لیں کہ سندھ کے لوک ادب میں کون سے کردار تھے۔
- طلبا ماروی کی وطن سے محبت کے جذبے کو سمجھ سکیں۔

## امدادی اشیا

- تختۂ سیاہ
- کاپی
- آسان سندھی کتاب ۸، صفحہ نمبر ۱۶

## طریقۂ تدریس

- نظم پڑھانے سے پہلے طلبا سے پوچھا جائے کہ وہ اپنے ملک کی تعریف کس طرح کرسکتے ہیں؟ حب الوطنی اور وطن کے لوگوں سے پیار کیا ہوتا ہے؟ اپنے دیس سے دور رہنے میں کون سی تکالیف ہوتی ہیں؟ ہم اپنے وطن پر کس طرح قربان ہوسکتے ہیں؟ طلبا کی بات کو آگے بڑھاتے ہوئے ان کے تجربات کی روشنی میں مزید بات چیت کیجیے۔ طلبا کو یہ بھی بتائیے کہ ماروی تھر کی ایک ایسی عورت تھی جسے اس وقت کے بادشاہ عمر سومرو نے قید میں رکھا تھا۔ مگر وہ ہمیشہ محلوں کے آرام سے انکار کرتی تھی اور ہمیشہ اپنے گاؤں، گاؤں والوں اور رشتے داروں کو یاد کیا کرتی تھی۔
- طلبا کو بتائیے کہ آج ہم جو نظم پڑھیں گے اس سے ہمیں معلوم ہوگا کہ اپنے وطن اور اس کے لوگوں سے پیار کیا ہوتا ہے اور حب الوطنی اصل میں کسے کہتے ہے۔ سبق کے اعلان کے بعد کتاب آسان سندھی ۸ کا صفحہ نمبر ۱۶ کھلوائیے۔ نئے الفاظ پر نشان لگوائیے اور ان الفاظ کو درست ہجے سے پڑھ کر سنائیے۔ پھر نظم کو درست تلفظ سے پڑھیے۔ طلبا ہر لفظ پر انگلی رکھیں اور دھیان سے سنیں۔ اب انھیں اشعار کا ترجمہ آسان الفاظ میں کر کے بتائیے۔ اشعار کا ترجمہ نثر میں کیا جائے جس سے طلبا کو بآسانی نظم سمجھ میں آجائے گی۔ جیسے: ماروی کہتی ہے کہ آج میں نے انھیں یاد کیا ہے جن کو دیکھے بہت دن ہوگئے ہیں۔ وہ اب ریت کے ٹیلے چھوڑ کر کسی اور جگہ رہنے چلے گئے ہیں اور


OXFORD
UNIVERSITY PRESS

جهوپڙا اڏيا آهن جتي مال تمام گهڻو آهي، جيڪي منهنجي ساهہ ۾ هئا اهي هاڻي مون کان پري ٿي ويا آهن. اهو تہ اجا لڳي ٿو ڄڻ ڪالهو ڪو ڏينهن هو جڏهن مان پنهنجن ماروئن سان گڏ ملير ۾ هئس، اهي ڏينهن ائين جلدي گذري ويا آهن ڄڻ اهي هاڻي خواب ۽ خيال هجن. هاڻي اهي ڪنهن ٻئي پاسي وڃي وسيا آهن، جيڪي منهنجي ساهہ ۾ هئا اهي هاڻي مون کان پري ٿي ويا آهن. دعا آهي تہ اهي اباڻا ڪڏهن مون کان پري نہ ٿين جيڪي منهنجي تمام گهڻو ويجها آهن. هاڻي مان انهن بنا هڪ پل بہ پرديس ۾ نٿي رهي سگهان. اهي منهنجا اباڻا اڄ ڪٿي رهجي ويا آهن. هاڻي تہ مان اهو بہ نٿي ڄاڻان تہ مان انهن سان وري ملي سگهندس يا نہ. منهنجي ماروئڙن بہ منهنجي ساهہ جي ڪا بہ سار نہ لڌي آهي. اي منهنجي پيئرو مون کي ائين لڳي ٿو تہ انهن بہ مون کي پنهنجي دل تان لاهي ڇڏيو آهي، جيڪڏهن مان وسري وڃان تہ کهڙي ڳڻپ ۾ ايندس. مٿي ڏنل سمجهاڻي کي توهان پنهنجن لفظن ۾ بہ ٻارن کي سمجهائي سگهو ٿا.

- پوءِ نظم ٻارن کان واري واري پڙهائيو. پوءِ ٻن ٻارن کان جوڙي جي صورت ۾ واري واري پڙهائيو جنهن ۾ هڪ سنو پڙهڻ وارو هجي ۽ ٻيو ٿوري ڏکيائي محسوس ڪندو هجي. پوءِ پنجن ٻارن جو گروپ جوڙي پڙهائيو وڃي. جنهن کان پوءِ سڀ ٻار توهان سان ملي گڏجي پڙهن. اهڙي ريت آساني سان ٻارن کي نظم ياد ٿي ويندو.

## حل ٿيل مَشقَ

(الف) سوالن جا جواب:

1. پهرين بيت ۾ مارئي پنهنجي ڳوٺ جي ماروئن کي سنڀاري ٿي.
